## پروفيسر نذير احمد سومرو

# ياد گهر جو ” اڌورو“ جائزو

ادب جي دنيا ۾ خطن کي وڏي اهميت حاصل آهي . ڪو زمانو هو جڏهن ڪبوتر خطن پهچائڻ جو ڪم ڪندا هيا، پر جڏهن پرنٽ ۽ پبليڪشن جو دور آيو ته ذاتي، شخصي هڪ هنڌ گڏ تيل، لکيل ۽ گڏ يا محفوظ تيل خط، ورقن جي ور چڙهيا جو خط و ڪتابت باقائدي هڪ فن جي صورت اختيار ڪئي . مغربي ادب ۾ ته Epistle writing هڪ مستند ادبي شيءِ سمجهي وجي ٿي . انگريزي زبان جو لفظ Epistle يوناني لفظ Episteme مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ ڄاڻ يا علم آهي، (انگريزي زبان ۾ Epistolary انهيءَ ڪتاب کي چئبو آهي، جيڪو خطن جي مجموعي تي مشتمل هجي) سنڌي زبان ۾ ته ماهي مهراڻ ۾ سنڌ جي وڏي شاعر اياز جا سندس دوست ۽ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد (هاڻي ڄامشورو) جي سيڪريٽري سائين محمد ابراهيم جويي صاحب ڏانهن لکيل خط شايع ٿيا ته پڙهندڙن جي هڪ وڏ حلقي ۾ بيحد پسند ڪيا ويا، سائين جي ايم سيد ڏانهن سنڌ جي لاثاني سپوت حضرت علامہ آءِ آءِ قاضي، سنڌ جي عمدي اديب ۽ متنازعہ ڪردار پير علي محمد راشدي ۽ سنڌ اسيمبلي جي پهرين مسلمان اسپيڪر سائين ميران محمد شاهه جا خط اڄ پڻ چڪيم چاڪ جي نالي سان شايع ٿيا ته سنجيده طبقي ۾ وڏي مقبوليت ماڻيائون . خط کي اڌ ملاقات بہ چيو ويندو آهي . اڌ ملاقات جي نالي سان، بڏي ويل جديد سهڻيءَ سان گڏ مري ويل ادبي ميهار، طارق اشرف جو خطن تي مشتمل ڪتاب پڻ شايع ٿيو هو.

جڏهن سنڌ ۾ تعليم عام ڪا نہ هئي، تڏهن اڻ پڙهيل پنهنجي مٽن مائٽن، عزيزن قريبن ۽ دوست احبابن ڏانهن تعليم يافتہ ماڻهن کان خط لکرائيندا هيا ته آخر ۾ هڪ جملي لکرائڻ تي گهڻو زور ڀريندا هئا. اهو جملو ضرور لک. اهو جملو هوندو هيو: ٿورو لکيو، گهڻو سمجهندا.

ريڊيو پاڪستان ۾ ملازمت ڪندڙ خيرپور واسي ، غلام قاسم عرف ڪوثر برڙي جو ڏانهس موڪليل خطن تي مشتمل ڪتاب: ياد گهر جي نالي سان، غزل پبليڪيشن خيرپور طرفان شايع ٿيو آهي. جنهن ۾ ڪتاب جي شايع ٿيڻ جي ڪٿي بہ تاريخ لکيل ڪا نہ آهي. اڌ لوهه جو ۽ اڌ ڪاٺ جو وانگر، انگريزيءَ ۾ تاريخ ڄاڻائي وئي آهي، جڏهن ته ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي . هر ڪتاب تي سنڌي/ اردو ۾ پبليشر يا ليکڪ جو نالو ۽ سن اشاعت وغيره لکيل هوندو آهي . هي پنهنجي طرز جو انوکو ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌيءَ ۾ هڪ ۽ انگريزي ۾ ڪجهه ٻيو لکيل آهي.

ڪتاب ياد گهر جي مصنف/ ليکڪ طرفان ساروڻيون ۽ خط ڄاڻايا ويا آهن . ساروڻين ۾ هڪ عاشق مزاج ۽ دل ڦينڪ يا سدا عاشق عورت ن جو ذڪر ڪيو ويو آهي . عورت ن بابت ڪتاب جا اٽڪل تي چار صفحا سيڙيل آهن. ياد گهر ڪتاب ۾ 116 ماڻهن جا خط شامل آهن. انهن ۾ ن جو ڪو بہ خط شامل ناهي. جڏهن ته خود ڪوثر برڙو پنهنجي ڪتاب جي صفحي 42 تي رقم طراز آهي ته ن ڪيس ڊگها ڊگها خط لکندي هئي. ان کي سولي سنڌيءَ ۾ چئبو آهي: ٿورو لکيو، گهڻو سمجهندا.

ڪوثر برڙو لکي ٿو: ”ان ست ۾ هڪ چوڪري هوندي هئي، جنهن جو نالو هوندو هو: ن. هوءَ شاعري بہ ڪندي هئي . ن آل رائونڊر هئي (الائي چا ۾؟). پهرئين پروگرام ۾ ، پهرين نظر سان، هوءَ پنهنجي دل، مون کي ڏئي ويني. هتي مون کي طلعت محمود ۽ شمشاد بيگم جي آواز ۾ ڳايل ڊوئيٽ ياد ٿو پوي، جنهن جا بول آهن.

ملتي هي آنکين، دل هوا ديوانہ ڪسي ڪا!

(چا تہ سنو ترجمو آهي.)

هوءَ مون کي ڊگها ڊگها خط لکڻ لڳي . هتي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ن جا لکيل اهي ڊگها ڊگها خط ڪيڏانهن ويا؟ جڏهن تہ ن جي باري ۾ ڪوثر برڙو اهو بہ لکي ٿو تہ : ”هوءَ پنجابي اعوانڻ فيملي سان تعلق رکندڙ هئي ۽ ڪراچي ريڊيو تي بزم طلبہ پروگرام ۾ ايندي هئي .“ (ص-42) تہ پوءِ ن جو خط شايع ڪرڻ ۾ ڪهڙي قوت، آسمان تک ديوار بڻجي، ڪوثر برڙي کي روڪي وڏو !! جڏهن تہ 116 ماڻهن/ خطن ۾ ڪوڙ غير معروف ماڻهو بہ آهن . پر ن جو خط ڪونهي. هي تہ ڪو فرضي داستان معلوم ٿئي ٿو، ڪا فلمي سين ، جنهن کي ڊرامائي طور ڪتاب ۾ ، شامل ڪيو ويو آهي. ڪوثر برڙو اڳتي هلي ن بابت لکي ٿو:

”هوءَ مون کي بي حساب چاهيندي هئي . ڪلاڪن جا ڪلاڪ ، ڪمري ۾ اچي ويهندي هئي. مان لکڻ پڙهڻ ۾ مصروف، هوءَ مون مان اک ئي نہ ڪيندي هئي . ڪنهن ٻيءَ سان ڳالهائيندي هئي تہ بہ مون ڏي ڏسندي هئي. هن جي نگاهن ۾ وڏيون التجائون سمايل هونديون هيون“ (ص 42)

ڪوثر برڙو لکي ٿو: ن سندس ڪمري ۾ ، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهندي هئي ۽ ڪوثر ۾ جُوهہ وجهي ڏسندي هئي پر پاڻ لکڻ پڙهڻ ۾ مشغول هوندو هو. جڏهن ڪوثر برڙو لکڻ پڙهڻ ۾ مشغول، هيٺ ڪنڌ ڪيون وينو هوندو هو تہ پوءِ ڪوثر اهو ڪيئن ڏسندو هو تہ هوءَ هن مان اک ئي نہ ٿي ڪڍي؟ !! يا ٻئي سان ڳالهائيندي هئي تہ بہ ڪوثر ڏانهن ڏسندي هئي؟ جيڪا منظر نگاري ڪوثر برڙي ڪئي آهي، ان حالت ۾ سوال پيدا ٿو ٿئي تہ: اهو ٻيو ڪير هوندو هو؟ جنهن سان ن ڳالهائيندي هئي پر ڏسندي ڪوثر برڙي ڏانهن هئي !! يا ڪوثر برڙي جو ڪنڌ هيٺ ، لکڻ پڙهڻ ۾ مشغول ۽ مصروف، تہ هن کي اها خبر ڪيئن پئي تہ ن ڳالهائي ڪنهن ٻئي سان ٿي، ڏسي ڪوثر برڙي کي ٿي !! ن بابت ڪوثر ڪوڙ ساريون ٻيون ڳالهيون لکيون آهن . مثال طور: ن، ڪوثر کي خط لکيو پر ڪوثر ان کي ڪا موچاري موٽ ڪانہ ڏني تہ هوءَ هڪ ٻ ن ڏينهن ۾ ڳري ڪندا تي وئي ۽ ڪوثر جي عشق ۾ زيور، ڳهہ ڳنا لاهي اڇليائين ۽ سنا ڪپڙا پائڻ بہ ڇڏي ڏنائين. ساڳئي صفحي تي ڪوثر لکي ٿو:

”منهنجي چني پڙهي مون ڏي ڏٺو . ٿڌو ساهہ پريائين . ڳوڙها اکين مان لار ڪري وهڻ لڳس. خدا حافظ چئي اٿي وئي . ٻن ٽن ڏينهن ڪان پوءِ ، رڪارڊنگ تي آئي . ن ساڳي نہ هئي، (ابول! چئبو اجا سهٽي ۽ سسئي زنده ۽ حال حيات آهن) ”هڪ بہ زيور ڪو نہ، ميڪ اپ ڪو نہ، سادا ڪپڙا، جڻ ورهين جي بيماري مان اُٿي آئي هجي . رنجيده رنجيده، نہ ڪل نہ خوشي . (جڻ تہ ڪو سوڳ هيس!! ان کي سولي سنڌيءَ ۾ چئبو آهي: هٽ جي هٽانس تہ پکي تي اڏامي وجي. مرتب)

ڪتاب ياد گهر ۾ ڪوثر برڙي ڏانهن ، جن خط لکيا آهن ، تن جو تعداد 116 آهي. مهڙيون خط، سائين جي ايم سيد جو آهي ۽ آخري سوڀي ديري مان لالڻ چني جو شامل ڪيل آهي. ڪافي خط، مشهور ۽ معروف ماڻهن جا به ڏنل آهن . جن ۾ استاد بخاري ۽ نواز رُڪٽائي، محسن ڪڪڙائيءَ ۽ الطاف شيخ جا به شامل آهن . حيرت جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته ڪنهن به خط تي ، نه ته تاريخ لکيل آهي ۽ نه لکڻ واري جي جاءِ جو تعين ٿيل آهي. يعني اها ڄاڻ نه ٿي پوي ته اهو خط، هن صاحب ڪٿان لکيو آهي؟ جوهيءَ مان يا جاتيءَ مان؟ سن مان يا سانگهڙ مان؟ پراڻي ديري مان يا نئون ديري مان؟ دادو مان يا نوابشاهه مان؟ ڪراچيءَ مان يا ڪنڊياري مان؟

عام طور چيو ويندو آهي ته يادون مِٺجي ويندڀون آهن. يا مٿن به لٽ پئجي وڃي ٿو. ايئن لڳي ٿو ته ڪتاب جي نالي يعني ياد گهر مان تاريخون ۽ ڳوٺ يا شهرن جا نالا به مٽجي ويا آهن. يا مٿن به لٽ پئجي ويو آهي. حيرت آهي سائين جي ايم سيد ۽ الطاف شيخ به خط تي تاريخ ۽ مقام ڪو نه لکيو. جڏهن ته معروف سفر نگار الطاف شيخ ته جيڪڏهن ڪنهن جهاز يا ڪنهن سامونڊي بندر تان خط لکندو آهي ته به ان جو ذڪر ڪندو آهي ۽ نالو لکندو آهي . هتي الائي ڇو ايئن ٿيو؟ حيرت لفظ کي به اچرج وني وڃي ٿو ته 116 ماڻهن پنهنجن خطن تي نه تاريخ لکي، نه مقام؟!!

ڪوثر برڙو، ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد جو ذڪر ڪندي، پنهنجي ڪتاب جي صفحي 47 تي لکي ٿو:

”قيام پاڪستان کان ڪجهه عرصو پوءِ ئي ان ڳالهه جي ضرورت محسوس ڪئي وئي ته ملڪ ۾ نيون ريڊيو اسٽيشنون قائم ڪيون وڃن . ان سوچ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ حيدرآباد شهر جي رهواسين کي تفريح فراهم ڪرڻ واسطي 17 آگسٽ 1955ع تي هوم اسٽيڊ هال جي ڇهن ڪمرن ۾ هڪ ننڍڙي ريڊيو اسٽيشن جو قيام عمل ۾ آندو ويو . ڪوثر برڙي جي مٿين لکيل ڳالهه ڪيڏي نه منجهائيندڙ آهي، جو لکي ٿو ته حيدرآباد جي شهر وا سين کي تفريح فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ ريڊيو اسٽيشن جو قيام عمل ۾ آندو ويو . ڇا ريڊيو حيدرآباد صرف حيدرآباد شهر ، جيڪو 1955ع ۾ هڪ محدود شهر هو، جي شهرين کي تفريح ڏيڻ لاءِ کوليو ويو هو؟ ايئن ته پوءِ حڪومت لوڪل براڊ ڪاسٽنگ اسٽيشن به حيدرآباد ۾ کولي سگهي پئي . جيئن 1970ع تائين لاڙڪاڻي شهر جناح باغ ۾ ، لوڪل براڊڪاسٽنگ هوندي هئي . پوءِ گورنمينٽ کي هيڏو خرچ ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي؟ ڪوثر برڙي جي هن ڳالهه ته پير علي محمد راشديءَ کي قبر ۾ به تڙپايو هوندو ! حقيقت هيءَ آهي ته پلي ڪو پير علي محمد راشدي ءَ سان نظرياتي طور لک اختلاف رکي پر ريڊيو پاڪستان جي حيدرآباد ۾ اسٽيشن قائم ڪرڻ ، ڪنهن جو به ڪارنامو ناهي پر اهو فقط ئي فقط پير علي محمد راشدي جو ڪارنامو آهي . جنهن جا اڪين ڏٺا شاهد حيدرآباد ۾ اڃا خير سان حال حيات آهن. پير علي محمد راشديءَ جي هيڏي وڏي ڪارنامي کي باءِ پاس ڪرڻ جا معنيٰ؟ پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب اهي ڏينهن اهي شينهن جي ٽئين جلد جي صفحي نمبر 312 تي لکي ٿو: ”مرڪزي وزير اطلاعات ۽ نشريات ٿيندي ئي مون چوويهن ڪلاڪن اندر، حيدرآباد ۾ ريڊيو اسٽيشن کولي هئي . مشنري ترڪن ۾ پرائي پاڻ ڪٽائي ويو هوم. هوم اسٽيڊ هال تي زوريءَ وڃي قبضو ڪيو هيم . افتتاحي مجلس لاءِ تڙ تڪڙ ۾ جيڪي آرٽسٽ هٿ لڳا، سي ساڻ وني ويس. قلعي باهران، هڪ فقيرياڻي کي ڳائيندي ٻڌم. دردوندي پئي

معلوم ٿي. چونڪ ريڊيو اسٽيشن درد -وندن جي ديس ۾ کلي رهي هئي، تنهن ڪري ان دردن ماريل فقيرياڻي کي به وني وجي موجود ڪيم. ريڊيو اسٽيشن کولڻ ۾ مون اهڙي تڪڙ، ان خيال کان ڪئي هئي جو، انسان جي حياتيءَ وانگر وزارت تي به اعتبار ڪونهـ هو. بهرحال جهڙي تهڙي اسٽيشن کلي تـ وئي، آئنده مولا مالڪ.“ سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره مائي نور بانوءَ کي بـ پير علي محمد راشدي تلهار مان وني اچي ريڊيو تي ڳارايو هو . مائي نور بانو، جيڪا ان زماني ۾ نوران سڏبي هئي، پير علي محمد راشدي جي ويجهي عزيز، تلهار جي معزز شهري ، پير شهاب الدين شاهه راشديءَ جي گهر ۾ ملازمـ هئي ۽ هيٺ پٽ تي ويهي ڳائيندي هئي.

ريڊيو پاڪستان ڪنهن جو ڪارنامو آهي؟ ان لاءِ ريڊيو پاڪستان جي تمام وڏي آفيسر، عمدي نثر نگار، اديب ۽ شاعر حميد نسيم کان راءِ ونون ٿا. حميد نسيم ريڊيو پاڪستان حيدرآباد اسٽيشن جو پهريون پروڊيوسر ۽ افتتاحي تقريب جا انتظام مڪمل ڪندڙ ۽ ان جو اکين ڏٺو شاهد آهي. جناب حميد نسيم پنهنجي آتم ڪٿا **ناممڪن ڪي جستجو** جي صفحي 419 تي لکي ٿو:

”زيڊ اي بخاري ڪا ٽيليفون آيا ڪـ اگلي گاڙي سي ڪراچي پهنچو . وزير اطلاعات و نشريات پير علي محمد راشدي صاحب ني مرتب شده پروگرام، جو ان ڪي خدمت مين پيش ڪي گئي تي، نامنظور ڪرديئي هين.

بخاري صاحب وه مسوده لي ڪر راشدي صاحب ڪي پاس گئي. انهون ني پروگرام معائنـ ڪرني ڪي بعد منظوري فرمائي اور اپني منظوري ڪي سند ڪي طور پر مسوده پر اپني دستخط فرما ديئي. مرحوم مجيد لاهوري سي فون پر عليڪ سليڪ هوئي تو انهون ني ڪها ڪـ حيدرآباد مين مير رسول بخش ڪا مهمان هوجانا . وه بڙي سچي اور دوستدار انسان هين . اسي شام، مير صاحب ڪي پاس پهنچا .... صبح سات بجي ، نهايت پر تڪلف ناشتـ آيا. سات هي مير صاحب بهي تشريف لي آئي . ايي ريڊيو ڪي پاس ڪوئي ٽرانسپورٽ نهين ٿي اور ڦليلي ڪي پار ڪوئي سواري ڀي نهين ملتي تي . مير صاحب ني ڪها : **”سائين مين شهر جار رها هون ، چليئي آپ ڪو ريڊيو اسٽيشن پر اتار دون گا.“** اگلي هي دن، دو پهر ڪو پير علي محمد راشدي، بخاري صا حب ڪي سات ريڊيو اسٽيشن پر تشريف لي آئي . حڪم هوا ڪـ اسٽوڊيو مين ڪرسيان لگوا دو، وهان بيٺين گي . اسٽوڊيو ڀي عارضي ٿا . تين ڪرسيان رک دي گئين . ايڪ طرف وزير صاحب، اس ڪي مقابل دو ڪرسيان ايڪ بخاري صاحب ڪي ليئي اور ايڪ ميري ليئي، بيچ مين ايڪ چوٽي سي ميز. راشدي صاحب بيڙي پيتي ٿي. اور بيڙيان 555 ڪي ڊبي مين رکتي ٿي. وه ايڪ بيڙي نڪال ڪر سلگاني لگي . اس ني بخاري صاحب ڪي طرف ديڪا ..... وه بلڪل ساڪت بيٺي تي .... ڦر سنڌي مين سنڌي سازندون اور دوسري اسٽاف آرٽسٽون سي مخاطب هوئي اور فرمايا، يـ اسٽيشن مين ني بنايا ه ي. يـ اسٽيشن ميرا هي. مين پاڪستان ڪا وزير هون. تمـ سي ڪسي آفيسر سي شڪايت هو تو فورن ميري پاس پهنچو اور مجهي آڪر بتائو. مين انشاءَ الله العزيز اس آفيسر ڪو فنا ڪردون گا . باتين ڪرتي ڪرتي پير صاحب ني پائون دوسري ٽانگ پر اس زاويئي سي رڪا ڪـ جوتي ڪي نوڪ بخاري صاحب ڪي منهـ سي ڪوئي ايڪ آڌ انچ دور تي . اس ني طلائي سليم ساهي جوتي پهن رکي تي . بخاري صاحب بت

بني بيٺي رهي.“

مسٽر ڪوثر برڙو ته پنهنجي ملازمت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي به ڪري چڪو آهي . حيرت جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته ڪيس ، اها به خبر ڪانهي ته حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن ڪنهن جي ڪوششن سان نهي هئي؟ لڳي ٿو ته پير علي محمد راشدي لاءِ ڪوثر برڙي جي دل ۾ ڪو به نرم گوشو ناهي جو حيدرآباد جي ريڊيو اسٽيشن جي افتتاح (نئين بلڊنگ ۾ نئين مٽيريل سان سجايل ۽ سينگاريل) جو پاڪستان جي صدر ايوب خان جي هٿان 28 ڊسمبر 1962ع جو ذڪر ڪري ٿو پر پير علي محمد راشدي (باني) جو نالو وٺڻ به گوارا نه ٿو ڪري . ماضيءَ ۾ طارق اشرف، تنوير جو پيٽي جو مخالف مشهور هيو، هڪ دفعي لکي و ته جيڪڏهن پيٽي صاحب پنهنجي حڪومت ۾ سپ ڪم غلط ڪيا هئا ته پوءِ سندس دور ۾ نهيل ڪاليج، اسپتالون ۽ پليون سپ ڍاهي پٽ ڪريو، چاڪاڻ جو اهي پيٽي جي حوال ي سان آهن . هي اسان جا اديب ۽ شاعر سطحي سوچ جو تا رڪن؟ اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو جڏهن سنڌي اديبن جي دل ڪشادي ٿي پوندي ته هو پنهنجين غلطين جو اعتراف ۽ مخالفن جي خوبين جا معترف بڻبا!!

اجا تائين غير سنڌي اسان سنڌين تي ٺوڪ ۾ ٺنول، چٿر ۽ طنز ڪان ڪم وٺي چوندا آهن: سنڌي گهر ڪان ٻاهر نڪرندو ته پاڻ کي پرديسي سمجهندو آهي . قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن پنهنجي دور ۾ سنڌين کي ٻاهرين ملڪن ۾ پاڪستاني سفارتخانن ۾ نوڪريون ڏيندو هو ته بقول ڀٽي صاحب جي ڪيس چوندا هيا: ”سائين ٻاهر ڪير ويندو؟ پرديس آ . اسان کي صوبيداري ڏي سا به ڳوٺ واري تاڻي تي“. ذوالفقار علي ڀٽو چوندو هيو: منهنجي قوم پاڻ تان اهو ڇٽو ته مان پرديسي آهيان! الائي ڪڏهن لاهيندي؟

ڪوثر برڙو پڻ حيدرآباد ۾ لاڙڪاڻي ۾ به پاڻ کي پرديسي سمجهي ٿو. جڻ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي بجاءِ سائوٿ آمريڪا ۾ نوڪري ڪرڻ ويو هيو !! پنهنجي ڪتاب ياد گهر جي صفحي 79 تي لکي ٿو:

”30 سيپٽمبر واري ڏينهن مان واقعي واري هنڌ ، ڳاڏي ڪاتي مان صرف اڌ ڪلاڪ اڳ اخبارون ۽ رسالا وٺي، حسين آباد پهتو هوس. اجا پهتس ئي مس ته هيڏانهن فائرنگ جا ڌوڙيا ٿي ويا. انهن حالتن ۾ اسان پرديسي ۽ نڌڻڪن ماڻهن کي اجهي ۽ محفوظ جڳهه جي ضرورت هئي.“ پڙهندڙ پاڻ اندازو لڳائين ته حيدرآباد سنڌ ۾ ڪوثر برڙو پرديسي ۽ نڌڻڪو آهي!!

ڪوثر برڙو نه رڳو حيدرآباد ۾ پر لاڙڪاڻي ۾ به پاڻ کي پرديسي سمجهي ٿو. جڏهن ته سندس ڳوٺ خيرپور ڪان لاڙڪاڻي تائين ، ويگن ذريعي صرف ٻن ڪلاڪن جو فاصلو آهي . پنهنجي ڪتاب ياد گهر جي صفحي 96 تي لکي ٿو:

”لاڙڪاڻي شهر ۾ ڪئسيٽ وارن ديوان دوڪاندارن وٽ وڃي ، ڪين ان ڳالهه لاءِ قائل ڪندا هئاسين ته توهان جي شهر ۾ اسٽيشن قائم ٿي آهي، اسين ته سپ پرديسي آهيون.“ ڪوثر برڙو ته حيدرآباد ۾ لاڙڪاڻي ۾ به پرديسي آهي، باقي ديسي الائي ڪهڙي شهر ۽ ڳوٺ ۾ آهي؟

ڪوثر برڙو ريڊيو اسٽيشن ڪراچي جي قيام جي تاريخ بابت پنهنجي ڪتاب جي صفحي 25 تي لکي ٿو: ”پاڪستان جي پهرين سالگره يعني 14 آگسٽ 1948ع واري ڏينهن ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ پنهنجي نشريات جو آغاز ڪيو هيو.“ حالانڪ ائين ناهي، جيئن هو لکي ٿو ۽ حقيقت ته

پنهنجي روشن چهري سان تاريخ جي صفحن ۾ نروار ٿي بيٺي آهي . صبيح محسن نالي ماڻهو جيڪو تازو ريڊيو پاڪستان جي ڊائريڪٽر پروگرامس جي عهدي تان رٽائر ٿيو آهي . اردو ۾ شايع ٿيندڙ ڪراچيءَ جي روزاني اخبار ايڪسپريس ۾ هر هفتي يعني آچر ڏينهن تي مضمون لکندو آهي. صبيح محسن پنهنجي مضمون 29 فيبروري 2004ع تي ڪراچي ريڊيو اسٽيشن جي تاريخ بابت تفصيل سان لکيو آهي. صبيح محسن لکي ٿو:

”هوا يون تا ڪہ 3 جون 1947ع ڪو حڪومت برطانيہ ني آگسٽ 1947ع مين هندستان ڪو آزادي ديني اور پاڪستان ڪا مطالبہ تسليم ڪرني ڪا اعلان ڪيا تو اس ڪي بعد مسلم ليگ ني ڪراچي ڪو اس نئي مملڪت ڪا دارالحڪومت بناني ڪا فيصلا ڪيا . تب سنڌ ڪي ڪچ فعال شهريون ڪو خيال آيا ڪہ يهان فوري طور پر ريڊيو اسٽيشن قائم ڪرنا ضروري هي . ان مين پيرامائونٽ ريڊيو ڪي وه هي ايس ڪي حيدر پيش پيش ٿي، جن ڪا تذڪره بخاري (زيڊ اي بخاري) ني ڪيا هي. حيدر صاحب اور علي محمد چاڳلہ اس وقت ڪي حڪومت سنڌ ڪي مشير ٿي اين آڏناني سي ملي . جنهون ني تجويز، حڪام بالا يعني وزيراعلىٰ اور گورنر ڪي سامني رکي. سب ني اسي پسند ڪيا اور ايڪ اسڪول ڪي ايڪ بيرڪ اس مقصد ڪي لئي لي . انهين ڪچ ڪمري دي ديئي گئي. جولاءِ 1947ع مين ڪام شروع هوا. دو ڪمرون ڪو سائونڊ پروف بنا ڪر انهين اسٽوڊيو بنايا گيا . حيدر صاحب اور ان پائيون ني ڪباڙيون سي سامان لي ڪر ايڪ بهت هي چوٽا سا ٽرانسسٽر خود هي بنايا . پهلي ڪوشش مين يہ ٽرانسسٽر نهين چلا . سب پر مايوسي ڇاگئي . ليڪن انهون ني اپني ڪوششين جاري رکين اور بالآخر ڪامياب هوئي . 15 آگسٽ سي تجرباتي نشريات شروع ڪي گئين . اسٽيشن ڪا نام سنڌ گورنمينٽ براڊ ڪاسٽنگ رکا گيا. 10 آگسٽ سي باقائده نشريات ڪا آغاز هوا . زياده تر فلمي گانون ڪي رڪارڊ بجائي جاتي تهي، ليڪن دوسري پروگرام مثلاً بچون ڪي لئي اور خواتين ڪي لئي پروگرام ڀي نشر ڪيئي جاتي ٿي . 14 آگسٽ 1947ع آخري وائيسراءِ هند لارڊ مائونٽ بيٽن ني پاڪستان ڪي دستورساز اسيمبلي سي خطاب ڪيا اور قائد اعظم ني گورنر جنرل ڪي حيثيت سي حلف اٺايا . ان تقريبات ڪا آنکون ديکا حال براهِ راست تو نشر نهين ڪيا جا سڪتا ٿا ، ڪيون ڪِ اس ڪي لئي ضروري سازوسامان مهيا نهين ٿا . ليڪن اس ڪي رپورٽين اسي اسٽيشن سي نشر هوئين . اس ڪي تفصيل همين ريڊيو پاڪستان ڪي ملازمت اختيار ڪرني ڪي بهت سال بعد ، اپني ايڪ سينيئر ساٿي علي محمد چاڳلا سي معلوم هوئي . دوسري ذرائع سي اس ڪي تصديق ڀي هوئي.“

ڪوثر برڙو ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ بابت ڪتاب جي صفحي 26 تي پڙه ندڙن جي معلومات ۾ غير معمولي اضافو ڪندي لکي ٿو ته:

”پڙهندڙن جي معلومات لاءِ اهو به ٻڌائجي ٿو ته 14 آگسٽ 1948ع تي صبح جو ڇهين وڳي ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جو آغاز ، قاري زاهد قاسمي پاران ڪيل تلاوت ڪلام پاڪ سان ٿيو . جنهن کان پوءِ مولانا شبير احمد عثماني دعائيہ ڪلمات پڙهيا. ان کان پوءِ معشوق علي خان جي آواز ۾ نعت سڳوري ۽ پوءِ اردو ۽ انگريزي ۾ خبرون نشر ڪيون ويون . خبرن کان پوءِ درس قرآن مجيد نشر ٿيو. جنهن ۾ مولانا عبدالحامد بدايوني سوره فاتح جي تشريح ڪئي.“

ڪوثر برڙي جي مٿين لکيل ڳالهه پڙهي، هڪ عام پڙهندڙ بي اختيار ٿي دل ۾ چوندو ته يار وج! ڪوثر برڙي کي ته ريڊيو اسٽيشن ڪراچي جي وڏي تاريخ جاگرافي ياد آهي . پر جڏهن اهو ساڳيو پڙهندڙ جناب حميد نسيم جي آتم ڪهاڻي ناممڪن ڪي جستجو جو صفحو 280 کولي پڙهندو ته ڪيس اندازو ٿي ويندو ته ڪوثر برڙي ته جناب حميد نسيم جي لکيل ڳالهه جو صاف ۽ سليس ترجمو ڪري پنهنجي ڪاتي ۾ ٺنبي ڇڏيو آهي. جناب حميد نسيم جي لکيل ڪتا پڙهو ۽ پوءِ اندازو لڳايو ۽ ڪوثر برڙي کي داد ڏيو. جناب حميد نسيم صفحي 280 تي لکي ٿو:

”صحيح وقت پر اسٽيشن ڪي انئوسمينٽ هوئي . پانچ بج ڪر انسٺ منٺ اور ساٺ سيڪنڊ پر (ڪوثر برڙي چالاڪيءَ ڪان ڪم وٺي پنهنجي طرفان ڄاڻ ڏيندي وقت پورا 6 بجي لکيو آهي. آهي نه ڪمال؟) مولوي زاهد قاسمي ني تلاوت ڪلام پاڪ ڪي. تلاوت ڪي بعد مولانا عثماني ني دعائيه ڪلمه ارشاد فرمائي . (ڪوثر به دعائيه ڪلما وارا الفاظ لکيا آهن !) ڦر ايڪ نعت پيش ڪي گئي ، شايد معشوق علي خان ڪي آواز مين . ڦر خبرين نشر هوئين ، انگريزي اور اردو مين. خبرون ڪي بعد پروگرام شروع هوئي. ابتدا درس قرآن مجيد سي هوئي. مولانا عبدالحامد قادري بدايوني ني سورت فاتحا ڪي تشريح ڪي ." خاص ڳالهه ته جناب حميد نسيم جي پروڊيوسر جي حيثيت سان اپريل 1948ع ۾ ريڊيو ڪراچي تي بد لي ٿي هئي . هاڻي جيڪڏهن ڪوثر برڙي جي همنوا خيرپور سان تعلق رکندڙ حزب سومري جي هائيڊ پارڪ ۾ لکيل ڳالهه تي ٿوري دير ويساهه ڪريون ته ريڊيو پاڪستان ڪراچي جو وجود 14 آگسٽ 1948ع تي ٿيو هو ته پوءِ هڪ غير وجود واري جاءِ (ريڊيو ڪراچي) تي حميد نسيم جي بدلي ۽ مقرري ڪيئن ٿي هئي؟ جڏهن گهر ئي ناهي ته پوءِ ياتي، انهن جو رهڻ چا معنيٰ؟ جڏهن ڪراچي ريڊيو جو وجود ئي نه هيو ته پوءِ حڪومت هي ماڻهو چو، چا لاءِ ۽ ڪيئن رکيا هيا؟ جناب حميد نسيم لاهور کان ڪراچي ۾ پنهنجي بدليءَ (اپريل 1948ع) جو ذڪر پنهنجي جيون ڪٿا جي صفحي 271 تي ڪيو آهي . ڪوثر برڙو پنهنجي ڪتاب ۾ ، ريڊيو پاڪستان خيرپور جي نهڻ بابت جناب ذوالفقار علي ڀٽي جو ذڪر ائين نه ٿو ڪري جيئن حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جي ناهڻ بابت پير علي محمد راشديءَ جو نالو نه ٿو ڪٽي. ڪوثر برڙو صفحي نمبر 104 تي لکي ٿو:

”ريڊيو پاڪستان خيرپور، سنڌ صوبي جي ٽين وڏي ريڊيو اسٽيشن آهي . جنهن جو قيام 21 مارچ 1983ع تي عمل ۾ آيو. دراصل خيرپور ريڊيو اسٽيشن جي قيام جي تجويز گهڻو پراڻي هئي." هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته خيرپور ۾ ريڊيو اسٽيشن جي قيام جي تجويز ڪيتري پراڻي هئي؟ جو ڪوثر برڙو به مڃي ٿو ته گهڻي پراڻي هئي پر اها تجو يز ڪنهن جي هئي؟ حقيقت اها آهي ته ڀٽي صاحب خيرپور جي عوام سان ٻه (2) واعدا ڪيا هيا. هڪ يونيورسٽي قائم ڪرڻ جو ۽ ٻيو ريڊيو اسٽيشن ناهڻ جو ۽ ڀٽي صاحب پنهنجا ٻئي واعدا پاڙيا . ڀٽي صاحب جي حڪم تي ئي سيد قائم علي شاهه 1976ع ۾ ريڊيو خيرپور جي عمارت جو پيڙهه وارو پٿر رکيو جيڪو خود ڪوثر برڙو به مڃي ٿو. باقي اهو لکڻ ته فلاڻي تجويز گهڻو پراڻي هئي ، اهو حقيقت کان منهن موڙڻ برابر آهي. خيرپور جي حزب سومري منهنجي خط جي جواب ۾ روزاني ڪاوش ۾ ابهام پريو خط لکي اهو پڇيو ته پلا ريڊيو اسٽيشن خيرپور جي بجاءِ سکر ۾ چونه نهي؟ جڏهن ته خيرپور کان وڏيڪ وڏو شهر سکر هيو؟ وري پنهنجي علم جي پالوٺ ڪندي حزب سومري

ڪاوش ۾ سوال ڪيو هو تہ پلا پٽني صاحب خيرپور جي عوام سان اهڙا واعدا چو ڪيا؟ ڪو نوٽيفڪيشن ڏيڪاريو؟!! هائيڊ پارڪ ۾ حزب سومري جو پڇيل سوال ائين آهي تہ ڪو ايئن پڇي تہ دادو جي عوام سان پٽني صاحب شگر مل ڏيڻ جو واعدو چو ڪيو هو؟ يا شگر مل ضلعي دادو جي هڪ ننڍي ڳوٺ پيارو ڳوٺ ۾ چو لڳرائي؟ جڏهن تہ پيارو ڳوٺ جي پرسان سيتا روڊ وڏو شهر موجود هو!! يا پٽني صاحب نواب شاهہ جي عوام سان گرلس ميڊيڪل ڪاليج ڏيڻ جو چو واعدو ڪيو هو؟ جڏهن تہ نواب شاهہ هڪ گرم ترين شهر آهي. نواب شاهہ حيدرآباد ۽ جامشوري جي بنسبت ذرا گهٽ سهوليتن وارو شهر آهي ۽ جامشوري ۾ ڇوڪرين جي سهوليت لاءِ هاسٽلون بہ موجود هيون ۽ اتان جي آبهوا بہ نواب شاهہ جي مقابلي ۾ وڌيڪ فرحت افزا آهي . وڏي ڳالهہ تہ جامشوري ۾ ايل ايم سي بہ موجود آهي . اهڙن سوالن ڪرڻ وارن جي ذهني سطح جو اندازو لڳائڻ مشڪل نہ آهي . ڪتاب جي مهڙ ۾ اختر ٽانوري نالي ڪو ماڻهو چار اکر ۾ ڪوثر برڙي جي سنڌي نثر بابت ساراهہ جا ڏڪ پريندي صفحي 5 تي لکي ٿو: "ڪوثر برڙو سنڌي ٻوليءَ جي انهن قلمڪارن منجهان آهي، جن مٿان ڌاتِ جي ديوي ڪجهہ وڌيڪ مهربان آهي . ڪوثر جي نثر جي اها خاص خوبي آهي جو هن جي ٻولي سادي ۽ روايتي آهي . هو نثر ۾ ڳرا لفظ شامل ڪرڻ بجاءِ سادا سلوٽا لفظ ۽ عام استعمال واري ٻولي ڪم آڻي ٿو ." ڪوثر برڙي جي سادي ۽ روايتي ٻولي جو عالم اهو آهي جو صفحي 133 تي لکي ٿو:

"جيئن اردو ۾ چوندا آهن تہ اوڙهنا بڇونا، ايئن مون لاءِ اوڙهنا بڇونا ريڊيو ٿي رهيو."
خبر ناهي تہ اوڙهنا بڇونا لفظن کي ڪتاب ۾ الائي چو بولڊ ڪيو ويو آهي؟

ٿڌ يا پاري پوڻ واري رات جي لاءِ سنڌ ۾ تہ هي جملو ضرب المثل جي حيثيت رکندو آهي: "سيءُ بہ چوي تہ اڄ نہ پوان تہ ڪڏهن پوان؟" پر ڪوثر برڙو صفحي 87 تي لکي ٿو تہ:

"جون جو مهينو هو، ٽاڪ منجهند، گرمي چوي تہ اڄ نہ پوان تہ ڪڏهن پوان؟" اجا تہ ڪوثر برڙي لاءِ ٽانوري اختر لکي ٿو تہ هن جي ٻولي سادي ۽ روايتي آهي؟ سنڌ ۾ منجهند ٽاڪ سانوڻ جو ذڪر ڪندي اسان سنڌي تہ ايئن چوندا آهيون . "منجهند ٽاڪ هئي، ڪانو جي اک پئي نڪتي." يا چوندا ائين آهيون: گرمي چوي تہ اڄ نہ پوان تہ ڪڏهن پوان؟ اخلاق مانع آهي نہ تہ مان اهي الفاظ لکان جيڪي جناب حميد نسيم پنهنجي جيون ڪهاڻي ناممڪن ڪي جستجو جي صفحي 273 تي ريڊيو جي جوهر بابت لکيا آهن!!

محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ پاڪستان جي وزيراعظم هئي ۽ پنهنجي ڳوٺ نئين ديرو آيل هئي. ڪوثر برڙو بہ سرڪاري حڪمن جي تعميل ڪرڻ لاءِ نئون ديرو ۾ محترمہ بينظير ڀٽو وزيراعظم پاڪستان جي کلي ڪچهري ۽ تقرير جي رڪارڊنگ لاءِ پهتل هيو. پاڻ صفحي 100 تي لکي ٿو:

"هڪ دفعي عيد جي موقعي تي بينظير صاحبہ نيئن ديري آيل هئي. سڄو ملڪ نئون ديرو ۾ لٿل هو، ماڻهن جي سخت پيهہ هئي. انهيءَ وقت اسان ڪان خوشي ۾ اهو بہ وسري ويو تہ اسان عيد واري ڏينهن بہ شام تائين بکيا آهيون . چاڪاڻ تہ ريڊيو ٽيم جڏهن بہ ڪنهن وي وي آءِ پي جي لاءِ او بيءَ وجي ٿي تہ پوءِ ڪيس رڪارڊنگ ٿي وڃڻ ۽ ويندي قومي پروگرام بنائڻ تائين ، ڪو هوش ڪونہ ٿو رهي. نہ مانيءَ جو ۽ نہ پاڻيءَ جو . نہ ڪاڌي جو، نہ پيتي جو. هيڪر ممتاز ڀٽو

نگران وزيراعليٰ هو. اسان جي او بي ٽيم، ساٿس گڏ هئي. ميرپورپٽو ۾ به ڏينهن قيام ڪيوسين پر نه انتظاميه، نه پٽي صاحب (ممتاز علي خان) جي ملازمن يا خود وزيراعليٰ سار لڌي ته ڪو ميڊيا ٽيم ڪي به پيٽ آهي.“

هتي سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي ته ڪوثر برڙو، نئون ديري يا ميرپورپٽو ۾ سرڪاري ڊيوٽي ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏيڻ آيو هو؟ يا پاڪستان جي وزيراعظم يا نگران وزيراعليٰ ڪيس دعوت ڏئي گهرايو هيو؟ ائين ته جنوري 1972ع ۾ سنڌ جو مانائتو ۽ منفرد اديب مرحوم علي محمد بروهي به پاڪستان جي ان وقت جي چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ۽ صدر جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪلي ڪچهري جي رڪارڊنگ ڪرڻ ۽ پروگرام ڪوريج ڪرڻ لاءِ نئون ديري ۾ آيو هو پر هن ڪڏهن به اهڙي شڪايت ڪٿي به نه لکي هئي، نه اهڙو اظهار ڪنهن به هنڌ تي ڪنهن تقرير ۾ ڪيو هئائين. علي احمد بروهي ته ان زماني ۾ ڊائريڪٽر انفارميشن هو . پر وزيراعظم جي نئين ديري ۾ ڪيمپ دوران مرڪزي سيڪريٽري ۽ وڏا پوليس آفيسر، چيف سيڪريٽري به ايندا آهن . اهڙا آفيسر ان ڪري ڪابه شڪايت نه ڪندا آهن جو ڪين خبر هوندي آهي ته هو سرڪاري ڊيوٽي ۾ آيا آهن . ڪوثر برڙي جي ان ڳالهه تي به ڪير اعتبار ڪو نه ڪندو جو هو لکي ٿو ته ميرپور پٽو (ممتاز علي ڀٽي جي ڳوٺ) ۾ به ڏينهن قيام ڪيو سي پر ڪنهن به سار نه لڌي حتيٰ ڪ ممتاز علي ڀٽي نگران وزيراعليٰ به نه!!!

اهو ڪيئن ممڪن آهي ته ڪوثر برڙو به ڏينهن ڪاڏي پيتي ڪانسواءِ رهيو هو . لکي ٿو ته ائين ٿو ته ڪوثر برڙي ڪي جڻ نئون ديري يا ميرپور پٽو ۾ بنگلي وارن ڪنهن وهانو يا شاديءَ جو سڏ ڏنو هو. اهڙي شڪايت ته ڇاجي ڪندا آهن. يا سرڪاري ڊيوٽي ۾ سرڪاري پگهار تي آيل سرڪاري ملازم؟ ڪوثر برڙو نه ته ”بيگر“ ۾ آيو هو ۽ نه ئي ڪنهن ڪاڄ ۾ برادري سڏ پرڻ، هو ته اها سرڪاري ڊيوٽي ڏيڻ آيو هيو. جيڪا سندس فرض ۾ شامل هئي.

ڪوثر برڙي جي پسنديده انگ 11 يارنهن ۽ ڪتاب ۾ شامل چند مخصوص خطن جو مڪمل جائزو ڪنهن ٻئي دفعي...

يار زنده ...صحبت باقي

يار زنده... تبصرو باقي